پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين

# استاد بخاري ـ سنڌ جو منفرد شاعر


***Abstract:***

**Contribution of Ustad Bukhari in Sindhi Literature**

*Ustad Bukhari was a legendary poet of Sindhi literature who served his readers for almost half a century. He has 25 anthologies of poetry to his credit. Ustad Bukhari was a revolutionary and progressive poet of his era, who depicted the sorrows of Sindhis in his poetry. During the MRD movement in 1983 his poetry served as the voice of the nation. This paper makes a detailed critical study of his poetic works .*


**استاد** بخاري پنهنجي دؤر جو عظيم، امر، عوامي ۽ منفرد شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو نج سنڌي ٻولي ملي ٿي، پر سندس شاعريءَ جا موضوع بہ سنڌ ۽ سنڌ جي مسئلن سان لاڳاپيل آهن، جنهن ۾ عوامي رنگ غالب آهي. استاد جڏهن مشاعرن ۾ پنهنجو ڪلام پيش ڪندو هو، سندس ترنم ۽ پيشڪش جي انداز تي جيڪا واهہ واهہ ٿيندي هئي، ۽ جيڪو داد ڪيس ٻڌندڙن طرفان ملندو هو، تنهن جهڙو ٻين شاعرن لاءِ مشاعرن ۾ ڪو مثال نہ ٿو ملي. پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ هن ايتري شاعري ڪئي، جو سندس حياتيءَ ۾ سندس شاعريءَ جا ڏهہ مجموعا شايع ٿيا ۽ سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ پندرهن مجموعا شايع ٿيا آهن. پاڻ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ ڏهہ سال لوڙيندو رهيو. ان سخت عذاب واري دؤر ۾ بہ هن تخليقي عمل کي جاري رکيو ۽ گهٽي کان گهڻو ۽ سٺي کان سٺو ڪلام تخليق ڪندو رهيو. ڪيس پڪ ٿي چڪي هئي تہ زندگيءَ جو ساٿ هاڻي گهڻي عرصي لاءِ رهڻو نہ آهي، جنهن جو اظهار هن ريت ڪيو اٿس:

جيئن زندگي تيز تڪڙي ٿي گذري،
ايئن تون بہ تڪڙو لڪي وٺ لڪي وٺ!
پٺيان پاڙهي نقاد فيئر ڪندا پيا،
تون ”رف“ جهڙو تڪڙو لڪي وٺ لڪي وٺ.





استاد جي ’رف‘ شاعريءَ کي نقادن فيئر تہ نہ ڪيو، پر سندس وفات کان پوءِ اڻ ڇپيل ڪلام کي سهيڙي پندرهن مجموعن جي صورت ۾ سنڌ واسين کي پيش ڪيو آهي. استاد اڌ صديءَ تائين شاعري ڪندي، سنڌي ادب کي نوان انداز، نوان فڪر، نوان گس ۽ گهير ڏنا، ۽ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نوان تجربا ڪندي، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو سونهري اکرن ۾ درج ڪرائي ڇڏيو.

تاج جويي پنهنجي هڪ مضمون ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ: ”سنڌ ويهين صديءَ ۾ ٽي وڏا شاعر پيدا ڪيا آهن، شيخ اياز، نارائڻ شيام ۽ استاد بخاري. شاعر ٻيا بہ وڏا آهن، پر فني ۽ فڪري طرح جيڏا سگهارا اهي ٽي شاعر سنڌ پيدا ڪيا آهن. انهن جو جوڙ جيس مشڪل ملندو. شاعري تہ تمام گهڻا شاعر ڪن ٿا، پر شاعريءَ ۾ ڪلا / آرٽ پيدا ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪانہ آهي. پر دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي هنن ٽنهي مهان شاعرن جي شاعري، آرٽ جو نہ رڳو اعليٰ نمونو آهي، پر اهو چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هنن آرٽ کي جيون ارپي ڇڏيو آهي.“(۱)

تاج صاحب جو اهڙو تجزيو سؤ سيڪڙو درست آهي، تہ انهن ٽن مهان شاعرن جي شاعريءَ کي زندگيءَ ۾ جيڪو مان ۽ مرتبو مليو، سو گهٽ تخليقڪارن کي نصيب ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ استاد بخاري اسان ۾ موجود ناهي، پر سندس تاحيات شاعري اسان وٽ ۽ سنڌ واسين وٽ موجود رهندي.

”مولانا گرامي صاحب رسالي ’مهراڻ‘ وسيلي سندس اصلاح ۽ تربيت ۽ ڪلام جي اشاعت ۾ ڪافي حوصلا افزائي ڪئي آهي، پر استاد جو ’فن‘ سندس خيالات ۽ جذبات جي منتشر دنيا کي سهيڙڻ ۽ سمجهڻ جو هڪ عمدو ذريعو آهي. استاد جي شاعريءَ ۾ هڪ عجيب انفراديت آهي، سندس خيال رنگين ۽ اصلاحي آهن. ڪلام گهڻو چيو اٿس.“(۲)

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ’گيت اسان جا جيت اسان جي‘ آهي. استاد، سنڌ جي جديد ترقي پسند شاعريءَ ۾ وڏو مقام رکي ٿو. هن سنڌي شاعريءَ کي نوان موضوع، نئون رنگ، نئين مڌرتا ۽ نئين سونهن بخشي آهي. استاد پنهنجي شاعريءَ جو سلسلو نہ رڳو پنهنجي پيشرو ڪلاسيڪي شاعرن سان جوڙيو آهي، پر نئين دؤر جي نون لاڙن کي پڻ سنڌ جي حوالي سان پنهنجو ڪري، پنهنجي

شاعريءَ کي اتم ڪري ڇڏيو آهي.

ڪجھ رسالي مان ڪجھ، ’ڪلياڻ‘ نہ تہ ’ڪيڏارو‘ ئي،
ڪوڪ ’ڪوهياري‘ بخاري، اک ’آسا‘ ڪانہ ڪا!

جيتوڻيڪ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ رومانوي پهلو بہ غالب نظر اچي ٿو، پر سندس روشن خيال ۽ ترقي پسنديءَ جا اثر وڏيڪ گهرا آهن. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انسان جي مجموعي صورتحال، زندگيءَ جون رمزون، طبيعت جا مختلف لاڙا، پورهئي ۽ پورهيت جي اهميت، ديس جي ماروئڙن جي غربت، بي وسي، بدحالي، معاشرتي ناانصافين، مدي خارج ريتن رسمن، رواجن ۽ اسان جي پوتارن جي بي حسيءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ نهايت بيباڪيءَ سان ۽ اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

ويجهو ٿي وٺانءِ، سُورَ ورهائي سانورا!
مهٽي مايوسيون مِٺا، اَسُن سان اُڳهانءِ،
اوتي ڏاتي ڏيانءِ، جيڪا منهنجي جوت ۾.

مٿئين بيت ۾ اوهان استاد جي اندر جي اُڏمن ۽ درد جي ڪيفيتن جو اندازو لڳائي سگهو ٿا.

استاد وٽ هڪ اهڙي آدرشي سماج جو تصور، جنهن ۾ امن، پيار، شانتي ۽ انسان پرستي موجود آهي، ڇاڪاڻ تہ استاد، ترقي پسنديءَ کان سواءِ پيار، حسن، دل جي امنگن ۽ جماليات جهڙن موضوعن کي پنهنجي شاعريءَ جي زينت بڻايو آهي. استاد وٽ هڪ اهڙي سماج جو تصور آهي، جتي ظالم جو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ نہ هجي. پاڻ چوي ٿو تہ:

ظلمن کي گهڙيءَ لاءِ، ٿڌي ساڻ ٿيڙيو،
ڇنجور ڪٽي پاڙ کان، بنياد اکيڙيو،
جت جت بہ ڏسو ظلم، دغا، خار جلايو،
جنهن جاءِ هجي عدل، وفا، پيار سهيڙيو.

استاد، ڏاڍ، جبر ۽ ظلم خلاف سراپا احتجاج بڻجي، پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري ٿو، وٽس محنت، پيار ۽ ڏاڍ خلاف همت جا گڏيل تصور آهن.





سراج الحق، استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي مجموعي ’ڪوڪڻ يا ڪلياڻ‘ جي ’جهرمر تارا جهول ۾‘ جي عنوان سان مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ: ”منهنجي سامهون استاد بخاريءَ جو ’ڪوڪڻ يا ڪلياڻ؟‘ آهي. استاد جو جيترو بہ شعر مون پڙهيو آهي، ان جي حوالي سان آءٌ اهو چوندس تہ استاد تجربي جي انهن سرحدن کي ڇهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، جتي شاعري پيغمبري بڻجندي آهي. هن جي لفظ لفظ ۾ هڪ ڪُوڪ آهي. جيئن مون شروع ۾ چيو، سچو شاعر ٻوليءَ جي معنائن جا اهي خزانا ڏيندو آهي، جن ۾ اجتماعي شعور جي حوالي سان اجتماعي قبوليت نظر ايندي آهي. لفظن، ترڪيبن، تشبيهن ۽ استعارن ۾، مون استاد بخاريءَ وٽ هڪڙو بہ اهڙو لفظ، هڪڙي بہ اهڙي تشبيهہ، هڪڙو بہ اهڙو استعارو نہ ڏٺو آهي، جنهن ۾ اجتماعي شعور جو اولڙو نہ هجي، جنهن ۾ اجتماعي جذبن ۽ احساسن جا ڪرڻا نہ هجن، ۽ جن ۾ اجتماعي قبوليت جا امڪان نہ هجن. نواڻ ۽ ندرت جي طلب ۽ ڪوشش شعوري بہ هوندي آهي تہ پاڻ وهيڻي پڻ. استاد ان پاڻ وهيڻي نواڻ کي فن جو درجو عطا ڪري ڇڏيو آهي.“(٣)

لڳي ٿو تہ استاد بخاري، سنڌ جي تاريخ ۽ اتهاس جو بہ گهرو اڀياس ڪيو آهي ۽ هن پنهنجي شاعري اتهاس جي ان شعور کي اهڙي تہ اثرائتي انداز ۾ اوتيو آهي، جو انهن لفظن ۾ زندگيءَ جون متحرڪ ۽ جيئريون جاڳنديون حقيقتون، عڪس بڻجي اڀري اچن ٿيون.

اسان سان اِتهاسَ، اوريا حالَ اَسُرَ جو،
اڳڻ اَند اوهاڳ پر، نظر ناهہ نراس،
پَريان پَسُ رَسي ويا، وِڃا، ورن، واسَ،
اُهاءَ بنجي آس، چوپاسي چمڪڻ لڳا.

ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ بيت توڙي وائي هڪ منفرد مقام رکن ٿا. جديد دؤر جي تمام ٿورن شاعرن انهن ٻنهي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن ٿورن شاعرن ۾ استاد بخاري بہ اهم شاعر آهي، جنهن وائيءَ ۾ حيرت انگيز تجربا ڪيا آهن. سندس تجربا خوبصورتي، لئي ۽ توازن جا تجربا آهن، جن جو مثال ملڻ محال آهي. سندس هر وائيءَ ۾ نئون حسن محسوس ٿئي ٿو. اهڙي هڪ وائيءَ ۾ پنهنجا خيال هن ريت ونديا اٿس:

هو تہ سُٽو آهَٽُ، هِيرُنِ ۾ هُڳساڻ جو!
گَئُنچن ۾ گوگاءُ ٿيو، وَرَنَ ۾ واڇَٽُ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!
گُونجي پيو اَڄ گوشَ ۾، ڪالهوڪو ڪُوڪٽ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!
گُهوريو تيز، گهڙيءَ ڏي! جهومي پيو جهٽُ جهٽُ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!
عشق اٿيو "استاد" جو، ڳورو ٿوڙي ڳٽُ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!

مٿئين وائيءَ ۾ اوهان ڏسندا تہ پڙهندڙ کي مخاطب ٿيڻ بدران واردات جو عنصر وڌيڪ آهي، پوءِ اها واردات قلبي هجي يا روحاني، ان جو احساس اوهان کي مٿئين وائيءَ مان ڪري سگهو ٿا.

پنهنجي شاعريءَ تي پاڻ تبصرو ڪندي استاد بخاري پنهنجي شاعريءَ جي مجموعي 'ڌرتي سرتي' ۾ شاعر پاران 'ڪارون – دارون' جي عنوان سان مهاڳ ۾ لکي ٿو: "منهنجي جاڻ ۽ تجربي ۾ پاڻ واري شاعري پنهنجي وس کان وڌيڪ حالتن جي هٿ آهي. هوءَ ڪڏهن جهومي ٿي، ڪڏهن لڇي ٿي. بعضي اعتماد سان وڌي ٿي، بعضي رڳو بيتاب ٿي تڙپي ٿي، جن حالتن ۾ آءٌ هي مواد ترتيب ڏيان ۽ ڇاپرايان پيو، ان کي آءٌ ئي سمجهي سگهان ٿو.

لُونءِ لُونءِ، لوءِ لوءِ خوش،
تہ عيدون، عيش، وهانءَ،
نہ تہ وو وو ۽ واڪا."[4]

مٿئين بيت مان اوهان استاد جي انهن ڪيفيتن ۽ جذبن کي سمجهي سگهو ٿا، جيڪي ڪيس درپيش هئا.

استاد بخاري، بنيادي ڏاڍ ۽ ظلم خلاف اتساهيندڙ انقلابي شاعر ۽ نقاد هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾، جنهن ۾ ڪلاسيڪي رنگ نمايان آهي، تنهن ۾ سنڌين جي روز مره جي مسئلن، تاريخ جي واقعن سان ڳنڍي هڪ دائمي حيثيت ڏني آهي.





استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي مجموعي 'ڪاري ڪکر هيٺ' (سر ڪيڏارو) جي مهاڳ ۾ برک ڏاهو سوڀو گيان چنداڻي لکي ٿو: "١٩٨٣ع واري عوامي جدوجهد جي سلسلي ۾ استاد سنڌ جي تاريخي حوالي سان ماڻهن سان جيڪي ظلم ٿيندا رهيا آهن ۽ جنهن نموني ۾ مختلف دورن ۾ سنڌي ماڻهن مقابلا ڪيا آهن، انهن جو شعرن ذريعي استاد جنهن نموني ذڪر ڪيو آهي، سي ڳالهيون اسان کي مجبور ڪن ٿيون تہ سنڌ جا راڻا، پلوان، ويڙهو ۽ وِيرَ ياد ڪري، نئين ۽ ايندڙ نسلن کي قومي جدوجهد لاءِ جوش ۽ جذبو ڏيارجي.

راڻو، راڄ وزير، ڏوهي، پرڏيهين ڪيا،
ٻَڌائون پلوان سي، زوريءَ منجهہ زنجير،
وڙهندا جيڪي وِير، جُڳ جُڳ سي جئندا ڏنا."[5]

مٿين سڀني حوالن مان ۽ مثالن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ استاد بخاري، سنڌ جو اهو اڏول شاعر هو، جنهن سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ واري رنگ کي پنهنجائيندي، سنڌي عوام جي اهنجن، امنگن، جذبن، ڏاڍ ۽ ظلم کي تاريخي حوالن سان وائکو ڪيو آهي، تہ گڏوگڏ ترقي پسندي، حسن، پيار ۽ محبت جي جذبن کي بہ آشڪار ڪيو آهي. سندس شاعريءَ عوام ۾ جيڪا مقبوليت ماڻي آهي، سا سنڌ جي عوام پاران مڃتا جو هڪ اعليٰ مثال آهي.

## حوالا


١. جويو، تاج، (٢٠١٠ع)، 'استاد بخاري فن ۽ شخصيت'، مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ص: ٢٣٢

٢. گرامي، غلام محمد، (١٩٩٠ع)، 'مهراڻ' شاعر نمبر، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص: ٦٠٠

٣. بخاري، استاد، (١٩٨٦ع)، 'ڪوڪڻ يا ڪلياڻ؟'، مهاڳ، سراج الحق، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ص: ط

٤. بخاري، استاد، (١٩٩٢ع)، 'ڌرتي سرتي'، (شاعري)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ص: ٩

٥. بخاري، استاد، (١٩٩١ع)، 'ڪاري ڪکر هيٺ'، مهاڳ، سوڀو گيان چنداڻي، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ص: ١٤ ۽ ١٥